# نصرپور

نصرپور سنڌ جي جهونن تاريخي، علمي ۽ هنري شهرن مان هڪ آهي. نصرپور مٽياري ضلعي ۾ ٽنڊي الهيار جي اُتر اولهه طرف 6 ميلن جي مفاصلي تي آهي.

نصرپور جي آباد ٿيڻ بابت تاريخدانن جا الڳ الڳ رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي، ته هيءُ شهر فيروز شاهه تغلق جي هڪ امير نصير ٻڌايو هو ۽ ان جي نالي پٺيان سڏجڻ لڳو. ڪن جو چوڻ آهي ته هي شهر نصير مُهاڻي ٻڌايو هو.

نصرپور سنڌو درياءَ جي ڪناري آباد هو. انڪري انهيءَ جي زمين ڏاڍي آباد ۽ زرخيز هئي. هيءُ شهر نه رڳو ساوڪ ۽ شادابيءَ جي ڪري مشهور هو، پر اُن ۾ ڪاريگر ۽ هنرمند ماڻهو به گهڻا رهندا هئا. انهن جي ٺاهيل شين جي نه رڳو سنڌ ۾، بلڪ سنڌ کان ٻاهر به ڏاڍي هاڪ هئي. انهن شين ۾ کيس، سوسيون، گربيون ۽ اُجرڪون اچي وڃن ٿيون.

سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دَور ۾ نصرپور کي وڏي اهميت رهي آهي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ نصرپور سکيو ستابو شهر هو. هتي ڪپڙن اُڻڻ جا ڪيترائي آڏاڻا هئا. هِتان جا کيس ۽ بافتو ڏيهه پرڏيهه مشهور هئا. ميان غلام شاهه جي وقت ۾ انگريزن ٺٽي ۾ ڪوٺي قائم ڪرڻ سان گڏ، نصرپور ۾ ننڍي ڪوٺي قائم ڪئي هئي. ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن ۾ مدد خان پٺاڻ، سنڌ جي ٻين شهرن وانگي نصرپور ۾ ڦُرلُٽ ڪئي ۽ ان کي تباهه ڪيو.

نصرپور ۾ ڪيترائي عالم، بزرگ ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. سنڌ جو مشهور ڏاهو وتايو فقير بہ هن شهر جو هو. جنهن جا گفتا اڄ بہ ماڻهو حوالي طور ٻڌائيندا آهن. شاهہ عنايت رضوي، ڪلاسيڪل شاعريءَ جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. اُهو بہ هن شهر جو هو. سندس پوين مان ڪافيءَ جو وڏو شاعر مصري شاهہ ٿي گذريو آهي. جنهن کي "ڪافيءَ جو بادشاهہ" بہ چيو ويجي ٿو.

قديم آثارن مان شهر ۾ هاڻي رڳو هڪ اڌ نشان ئي باقي وڃي بچيو آهي. نصرپور جو قلعو تہ ڪڏهوڪو ڊهي چڪو آهي، باقي قرارڪي مسجد اڃا موجود آهي. اها مسجد نصير مُهاڻي جي پاءُ قرار خان جوڙائي هئي.

سنڌو درياءَ جي رُخ بدلائڻ جي ڪري، جيتوڻيڪ نصرپور جو اڳيون اوج نہ رهيو آهي؛ پر هن وقت هي شهر وري بہ ترقي ڪري رهيو آهي. اڄ بہ نصرپور جي ڪيسن ۽ ڪاڙهيءَ جو وڏو ماڻ آهي. نصرپور جا ڪِيرَ پَڙا بہ مشهور آهن.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- نصرپور جو شهر ڪهڙي ضلعي ۾ آهي؟
2- نصرپور جو شهر ڪنهن ٻَڌايو هو؟
3- نصرپور ڪهڙن هنرن جي ڪري مشهور هو؟
4- نصرپور ۾ ڇا جا آڌاڻا هئا؟
5- ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن ۾ نصرپور ۾ ڪنهن قُرلُٽ ڪئي هئي؟

6- ڪافيءَ جو بادشاھ ڪنهن کي چيو ويو ٿو؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

جهونن – هاڪ – ڏيھ – پرڏيھ – جوڙائي – اوج.

(ج) هيٺين لفظن جا ضِد لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| جهونن | | انتها | |
| آباد | | ڏيھ | |
| زمين | | اڳيون | |

(د) هيٺيان خال ڀريو:

1- هي شهر ................ مهاڻي ٻڌايو هو.

2- سنڌ جو مشهور ڏاهو ................ به هن شهر جو هو.

3- قرارڪي مسجد نصير مهاڻي جي پاءُ قرار خان ................ هئي.

4- اڄ به نصرپور جي ................ ۽ ڪاڙيءَ جو وڏو مانُ آهي.